حق موجود — بسم الله الرحمٰن الرحيم — سدا موجود

روحاني رهبر

طالب لاءِ رهنمائي

انسان صرف هڏن ۽ گوشت جو نالو ناهي پر ان جي اندر هڪ هستي رهي ٿي، جنهن جي ڪري انسان کي انسان سڏيو وڃي ٿو. اها هستي آهي انساني روح، ان روح جو اُن مالڪ حقيقي سان هڪ ازلي عشقي رشتو آهي. عشق جي ڪائي به زبان نه آهي. بلڪ عشق پنهنجي زبان خود پاڻ ئي آهي. جڏهن مالڪ پاڻ پنهنجي محبت جو اظهار پين تي ظاهر ڪندو آهي ته زبان استعمال ٿيڻ لازم بڻجي ويندي آهي. اهڙي طرح مالڪ ۽ پانهي جو نه ٽٽڻ وارو رشتو شروع ٿي ويندو آهي.

اُنَ محبوب حقيقي جا عاشق ان جي محبت ۾ سرشار ٿي اُنَ جا ئي گيت ڳائيندا آهن. اهي اُنَ مالڪ حقيقيءَ جِي ڪيترن ئي نالن سان صفت ۽ ثناء ڪندا آهن. قرآن پاڪ ۾ اللهﷻ پاڪ جا صرف (99) نوانوي نالا ٻڌايا ويا آهن پر صوفي عاشقن اُنَ جا لکين نالا اظهار ڪيا آهن. مثلاً جئين”چيزل سائين“ فرمائين ٿا ته :-

لکين آهن تنهنجا نالا

اهڙي طرح صوفي سَنتَن اُنَ مالڪِ ڪُل جا اظهار ۽ روپ ڏسيا آهن. هر مذهب، هر ڌرم ۾ اُنَ مالڪ کي الڳ الڳ نالن سان سڏي عبادت ۽ پوجا پاٺ ڪري پنهنجي

دل کي راحتِ اِلاهي ڏين ٿا. ڇا ڪاڻ تہ هو قادر، قدير ۽ هستي ڪل آهي ۽ هو ڪائنات جي ذري ذري ۾ سمايل آهي. اُن ڪري اُن کي مخلوق پَنهَنجي پَنهَنجي نالن سان ياد ڪندي آهي، مثلاً ڪي هُنَ کي رام ڇوندا آهن تہ ڪي وري هُنَ کي اللهﷻ ڇوندا آهن. ڇو تہ هو هڪ رحمت جو خزانو آهي، اِن ڪري هُنَ کي رحيم ڇئِي اُنَ محبوب جو صفاتي ذڪر ڪندا آهن ڇو تہ هُو هِنَ عاشق جو معبود ۽ محبوب حقيقي آ. اِن ڪري هُنَ کي پنهنجا عاشق سهڻا، محبوب، دلدار ۽ دوست جي نالي سان پڪارن ٿا. اِن بي شمار نالن سان ڳڏوڳڏ فقير اولياءَ هُنَ کي بي ڪنارہ، لا محدود، لاانتها، بي مثل، بي نام بہ چون ٿا. هر زبان مان هُنَ جا ڪيئيل اسم نفس ۽ هوا جي دائري ۾ آهن ڇا ڪاڻ تہ اهي هُنَ جِي پهچ کان پري آهن. اُهي سيئي اسم، اللهﷻ، خدا، عيشور، گاڊ، پرڀو، پڳوان مالڪ جي صفت ۾ شامل آهن بلڪ هُنَ جو اصلي ڪو ئي بہ نالو ناهي ڇو تہ هو اِن سيني قيد ۽ بندن کان وسيح ۽ آذاد آ ۽ ڪنهن بہ چيز جي گهيري ۾ ناهي بلڪ هر چيز هُنَ جي گهيري ۾ آهي. هُنَ جو ٻولڻ ڳالهائڻ هر انسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي فقط هُنَ جا عارف ئي سمجهي سگهن ٿا ڇا ڪاڻ تہ هو عشق جي زبان سان ڳالهائيندو آهي ۽ عشق جي زبان ئي سمجهندو ۽ ٻڌندو آهي. جيڪا هِنَ الفاظن جي محتاج ناهي. اهو ئي سبب هو جو فقير، عاشق صفات کي ڇڏي ذات جا متلاشي بڻجي ويا تہ جئين محبوب حقيقي جو آواز ٻُڌئون ۽ سمجهي سگهون. اِنهيءَ ڪري هِنَ عقل کي ڇڏي عشق جا گهِنڊَ کڙڪايا ۽ پنهنجي پاڻ منجهہ ٻِهِي ويا تہ جئين اُنَ ڏهين دروازي کي کولي اُنَ محبوب حقيقي جو پسڻ پسئون، ڇو تہ انسان جي اندر ۾ ڏهہ دروازا ٿين ٿا جڏهن نو دروازا بند ٿيندا تڏهن ڏهين دروازي مان محبوب حقيقي جو ديدرا ڪري سگهبو. اُهي نَو ئي دروازا خوديءَ جي ڪوٽ جا آهن. اُنَ خوديءَ جي ڪوٽ کي ماٿهون مرشد جي ٻاجهہ ۽ ڏسيل واٽ کانسواءِ ڪيرائي نٿو سگهي ڇو تہ خوديءَ جو ڪوٽ خيبر

مثل ۾ مرشد جو ڏسيل الفاظ مولىٰ علي جِي ذوالفقار مثل آهي. جيسيتائين ڪو ٻه انسان يا طالب اها ذوالفقار هٿ ۾ نه کڻندو ته اُن نفس مرحب ۽ خيبر جي ڪوٽ کي ڏاهي پرزا پرزا ڪري نه سگهندو. اُن جي ڪري ئي اولياء عارف خبردار ٿا ڪن ته اي انسان هيءَ انساني زندگي هڪ ناياب تحفو آهي تنهن کي اجائي ڳالهين ۾ ٽپائي پورو نه ڪجي ڇو ته اهڙي حياتي وري نه ملندي. هِي جُو هِيرُو هينئر هٿ ۾ ٿي ان جي حفاظت ڪر جئين هي محفوظ رهندو اَچِي ڇا ڪاڻ ته هن جي حفاظت سان ئي ماڻهو هِن ڪايا ڪان آزاد ٿيندو ۽ چوراسي جوڻ جا ڀنڊڻ ٻه ٽٽي ويندا. جئين رکيل سائين فرمائين ٿا ته :-

ڦُوٽُو اُنهيءَ آن آبَ جو ڏس ڪوليون اکيون اسرار ۾

يعني تون انهي بحر جو قطرو آ. انهيءَ بحر کي ڏس، قطري تائين محدود نه رهه انکري مرشد هادي فرمائين ٿا ته اي انسان تون ڪيستائين متڪي جي ٻاهرين ڇتسالي ۽ بناوَکي ڏسي پُليو رهندين ان ۾ ٿورو اندر ته نهاري ڏس ته ان متڪي ۾ ڪهڙي شيءَ پيل آهي ڪيتري تائين تون هن گُل ڦُل بناوَ ۾ موهيل ۽ مُنجهُو وتندين، حقيقت جي راهه جو پانڌيئڙو ٿي اُنَ پرين کي ووڙي لهه. ظاهري هي مانڊاڻ ڏسين ٿو سو فاني ۽ بي بقا آهي. صرف اُها حقيقي ذات ئي دائم ۽ قائم آهي. حقِي طالب اُهو ئي آهي جيڪو هن سِپَ مان موتي ڪڍِي وَٺِي ڇا ڪاڻ جو سِپَ ته رڳو ٻاهريون ڇلڪو آهي جيڪو قيمتي موتيءَ جي حفاظت لاءِ بڻايو ويو آهي. فقيرن عاشقن جي انمول ڪلام کي ڪولي پڙهو ته انهي ۾ روحانيت جي ڪيڏي نه اَڻَ مَئِي خوراڪ پئي آ جيڪا ڪائي اسين چست ٿي سگهون ٿا. رکيل سائين فرمائين ٿا ته:

وَو سمنڊ جِي سِيرَ ۾ هي حال نه تن جو هَپِي

سچو خزانو عشق جو ڪم ڪين ٢ ڪاڏهن ڪپي

يعني عشق جو هڪ اهو خزانو آ جيڪو صدين تائين ٻ ڳجهو نٿو سگهي انڪري هي فقيرچون ٿا اي انسان تو ڏس ته تنهنجي اندر ۾ هڪ ڪيڏي نہ خوبصورت ڪائنات آ. تنهنڪري اڪيون ڪول ۽ پنهنجي لڪيل عشقي خزاني کي ڏس تنهنجي جسم ۾ برابر عضوا ته آهن ڪن، نڪ، وات، هٿ، پير وغيره پر ان سيني کان مرتبو دل ۽ اکين جو گهڻو آهي چو ته جڏهن ڪو خيال دل دماغ مان اُٿي ٿو ته هڪ پل ۾ اَچِي اکين ۾ سَوين جهَانَ اُلٽ پُلٽ ٿيو وجن. تنهنڪري ان اندروني اک کي ڪولڻ کپي چو جو اها اک هن روح جو آئينو آهي، ان جي ڪُلڻ سان ئي هِنَن اکين جي بينائي وڌي ويندي آهي ۽ يڪائي جو ناتو سندن قائم ٿي ويندو آهي. ان ڪان پوءِ ئي روح ساري جهَانَ جو نظارو پَسَي ٿو چا ڪاڻ ته روح جو ڏسڻ اکين ۾ ئي رهي ٿو ان جي ڪري اکين دوراٗن انسان جي اندروني جذبن جو اثر ٻين تي پوي ٿو. چو ته اکين جي ٻولي آهي عجيب هڪ بي زباني زبان هڪ اشاري ۾ اکيون اهي داستان ٿيون ٻڌائن جيڪي بيان ڪان ئي ٻاهر آهن جاڳڻ ۽ روح جو بيهڻ اکين جي پويان رهي ٿو. مثلاً جئين هڪ انڌي کي سڏ ڪندو ته هو اکين تي زور ڏئي چوندو ته هائو ادا، ۽ خواب ۾ اها ٻيهڪ ڳلي ۾ رهي ٿي، مگر فقيرن جو هلڻ اکين ڪان مٿي ٿو رهي ۽ جڏهن روح ۾ هلچل مچندي آهي ته هو فڪر جي ذريعي هڪ جاءِ تي ٽڪندو آهي انهي سبب جي ڪري هن ڪائنات کي پار ڪري ۽ ان مالڪ حقيقي جو ديدار ڪري ٿو ۽ ان لاهوتي مقام تي پهچي ٿو وجي انهي مقام واري کي اسان فقير ئي سڏيون ٿا چو ته فقير جي ڪائي ٻ ذات پات نہ هوندي آهي چو جو جيڪو معرفت ۾ پهچي ويو اهو فقير ئي آ، چاهي اهو ڪهڙي ٻ ذات سان واسطو رکندڙ هجي مثال طور: جئين پرائمري ماسٽرڊگري حاصل ڪري ٿو ته انکي اسان استاد سڏيون ٿا چاهي هو ڪهڙي مذهب يا قوم جو هجي سيني قومن ۾ ٻن قسمن جا انسان ٿين ٿا هڪڙا سِفلي درجي جا ۽ ٻيا عُلوي درجي جا. سِفلي درجي وارا ڇهن لطيفن تي

مُقِيد هوندا آهن ۽ عُلوي درجي واران جو سفر اکين جي مٿان شروع ٿئي ٿو. جنئين حضرت ابراهيم خليل الله ﷺ فرمائي ٿو ته مون هڪ تارو ڏٺو جيڪو وسيع ترين هو جنهن کي چڱي مان اُڳتي وڌي ويس، جنئين حبيبِ خدا حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ فرمائن ٿا ته مون حد لاحد ته ڇا پر خدائي نورکي به طئي ڪري ويس جيڪي فقير هن راهه کي طئي ڪن ٿا اهي مالڪ حقيقيءَ جي وصال کي رَسَن ٿا. جنهن انسان پنهنجي محبوب حقيقيءَ ۽ مرشد جي فرمان کي وساريو ان ڄڻ پاڻ کي وساريو ۽ وڃي جُوکَم ۾ پيو ڇو ته مرشد جي حڪم جي پوئواري مالڪ حقيقيءَ تائين پهچائي ٿي جڏهن فقير ان ٻول ۾ ٻڌجي هلن ٿا ته مرشد کين رهنمائي ڪري ڳجها اسرار ٿو کولي، روحانيت جو هي اٽل قانون آ ته روحانيت جو طالب هڪ قدم وڌائيندو ته مالڪ ان ڏي سئو قدم سري ايندو آهي جڏهن نفس جون خواهشون ترڪ ٿينديون آهن تڏهن روحاني شغل شروع ٿيندو آهي انڪري انسان کي لڪل شعور جي تپاش ڪرڻ کپي ۽ ان واحد جي واحدنيت کي پروڙڻ ۽ پسڻ کپي ته جنئين ونحن اقرب کي وَوڙي لهجي نماز روزي جي تفسيرن ۾ الله ﷺ وارن جا قول سخن ٻڌائڻ تائين محدود نه رهجي ڇو ته روحانيت ۽ تصوف لفظن ۾ بيان ڪرڻ جا ناهن ۽ ثابت قدم بيهڻ ۽ عملي واٽ تي هلڻو پوندو آهي ڇو ته عشقي واٽ ئي آهي ڏکِي ڇا ڪاڻ ته عشق جي معني ئي آهي باهه، باهه جي نشاندهي ڪير ڪري سگهندو بغير پوڻ جي. طالب کي گهرجي ته حسد ڪيني ڪروڌ کان الڳ ٿي وڃي ۽ ان مرشد جي فرمان تي عمل ڪري ان ۾ ئي هن جي ڀلائي آهي.

جيمئون هن جهان جا سانگا سٽيائون
قاتل نفس فريب کي ڪاتي هٽي ڪٽائون
اناالذين آمنو اها آيت ڏنائون
مقصد سڀ مٽيائون، سهڻا ڇيزل وڃي هاديءَ سان هو رسيا

مٿين شعر ۾ سائين مالڪ فرمائين ٿا ته روحانيت جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ جسماني نفس ئي آهي جنهن کي ڪُهِي ختم ڪرڻ گهرجي چو ته هي پنهنجي ساٿين شهوت، غصي، حرص، حوص، دنوي تعلقات، تڪبر، حسد، ڪينو، نفرت، ۽ سڀ کان وڏي يعني خوديءَ سان گڏجي انسان جي روحاني ملڪيت کي لٽي رهيو آهي. هي انسان جي خاص نادر وقت کي فضول ۽ بيجا ڪمن ۾ مشغول ڪري تباهه ۽ برباد ڪري رهيو آهي. توهان دنيا ۾ ڏٺو هوندو ته انسان هر چيز ۽ طاقتور شين تي قابظ رهيو آهي مثلاً هاٿي، گهوڙا، شينهن ۽ نانگ وغيره انهن سيني کي پنهنجو متعي بڻايو اٿس، پر پنهنجي نفس تي ماڻهو فاتح چو نه ٿو ٿئي سڀ بيجا دليريون بهادريون چوائيندو ٿو رهي پاڻ کي رند بهادر چوائيندو ٿو وٺي پر نفس مٿس غالب آهي هاڻي چئو ته جنهنجي مٿان نفس غالب آ انکي مرد يا پهلوان ڪئين ٿو چئي سگهجي حقيقت ۾ مرد اهو آ جيڪو هن نفس سرڪش کي دسي ڳاٽو پچي ڦٿو ڪري چڏي چا ڪاڻ ته انسان کي راهه تان ڀٽڪائڻ اهو هڪ نفس جو فطري ڪم آهي هڪ لحظو به انسان کي پنهنجي قبضي کان نه چڏيندو آهي. حقيقت ۾ نفس پاڻ خود لاشعور آ ڪيس ڪائي به طاقت نه آهي انسان کي ڪمزور ڏسي ان جي روح مان طاقت حاصل ڪري حرڪت ۾ اچي وڃي ٿو نفس ۽ روح جو ناتو ان وقت کان وٺي هلندو ٿو اچي جڏهن مولىٰ پاڪ هن آدم جي بوتي ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو جهڙي طرح نفس روح کان مدد وٺي پنهنجي قوت طاقت ڏيکاري ٿو اهڙي طرح جسماني روح انسان کي پنهنجو ساٿي نه سمجهي پنهنجو داررومدار نفس جي مٿان رکي ٿو ۽ ذاتي روح اڪيلائي ۽ قيد ۾ گذاري رهيو آهي چو ته انسان کي جڏهن روح پنهنجو همراز نه سمجهدو آهي ته هن دنيا ۾ هلڻ لاءِ پنهنجو سهارو نفس کي بڻائيندو آهي چو ته نفس ڪا نندي چيز ناهي، هي به مولا جي جلوي جو جلالي جزو آهي ۽ ان کان علاوه زوراور ۽ خود مختيار به آهي. نفس چئن اناصرن جي

پيداوار آهي ۽ شهوت، غصو وغيره منفي نفس جو حصو آهن. انهن جي زير رهي نفس هميشھ نا معقول ڪم ڪندو ٿو رهي ڇو تہ برن ڪردارن جو تعلق نفس سان رهي ٿو جئين باَهُو سائين فرمايو آهي تہ :-

ان نفس پليت ڪيتا باهو، نہ تہ اسان پليت نہ ها سي

انهي ڪري ان برن اعمالن جو قل پائڻ لاءِ هن ڪي بار بار هن دنيا ۾ اچڻو پوي ٿو. انڪي پنهنجا اعمال ئي اعلىٰ مان ادنىٰ ۾ ڪيرائي خوار ۽ خراب ڪن ٿا نفس سان گڏ هجڻ ڪري روح ڪي بہ بار بار هن سان گڏ اچڻو پوي ٿو ۽ ڪيترن ئي جُوڻِن ۾ اچي ڏک سور سهڻا ٿا پونس. انهي ڪري صوفي بزرگ فرمائين ٿا تہ ان نفس جي چڪر مان نڪري حقيقي مالڪ ڏانهن متوجہ ٿيو ٿا ڪاڻ تہ نفس هڪڙي اڻڪٺ بلا آهي، ڇو تہ جسم جي قلعي ۾ نفس پنج پهريدار مقرر بيهاري ڇڏيا آهن، هڪ شهوت، ٻيو غصو، ٽيون حرص، چوٿون دنوي تعلقات، پنجو تڪبر هٺ، اندر وڃڻ لاءِ انهن پنجنين کي ختم ڪرڻو پوندو آهي ڇو تہ شهوت نفس ۾ جنون آڻيندي آ غصو ان کي خراب ڪري گهُمائيندو آ، دنوي لڳاءُ هِنَ کي دنيا ۾ جڪڙي ڇڏيندو آ، حرص هن کي دنيا جي پٺيان ڊوڙائيندو آ ۽ تڪبر هن کي مولىٰ پاڪ کان محروم رکندو آهي انهن سيني پاڻ ۾ ملي انسان کي جِي بري حالت ڪري ڇڏي آهي ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ اللهؑ جي دوستن ڪيئي تجويزون مقرر ڪيون آهن ان کان علاوه قرآن مجيد ۾ بار بار ارشاد پڻ آيل آهن، جئين رکيل سائين جن فرمائين ٿا تہ :-

ڪنهن مرد جي محبت وٺي ڏس عشق جو ظاهر ضلعو

يا وري

وَڃج مولىٰ وارن وٽ ڏئي گُوش ٻُڌج گُفتار

چو ته مرشد ڪامل ئي هن نفس جي قنديءَ وچايل چار مان آزاد ڪري سگهي ٿو هن نفسي مريضن جو علاج ئي مرشد ڪامل آهي. ڇا ڪاڻ ته مرشد هن جهان مان ڪڍي هن جهان ۾ پهچائيندو آهي. چو ته مرشد ڪانسواءِ ماڻهو هن جهان ۾ ائين آهي جئين ٻيڙي ڪان بنا ماڻهو درياءَ ۾. جهڙي طرح دنيا ۾ مهارت جي درجي تي پهچڻ لاءِ استاد جي ضرورت هوندي آهي اهڙي طرح مولىٰ تائين رسڻ لاءِ سونهين جي ضرورت هوندي آهي ۽ سونهين مان مراد مرشد ڪامل آهي. چو ته ماڻهو جو جمڻ ڪان ئي سکڻ جو سلسلو شروع ٿئي ٿو جئين ٻار ماءُ پيءُ ڪان ڪائڻ پيئڻ ڳالهائڻ ۽ گهمڻ وغيره سکي ٿو چو جو هو اڳ ۾ ڪا به ٻولي آواز شعور ڪو نه ڄاڻيندو آهي پوءِ جيڪڏهن هو هندوءَ جي گهر ۾ ڄمندو آهي ته هندي ڳالهائيندو آهي جيڪڏهن سنڌي جي گهر ۾ ڄمندو آهي ته سنڌي ڳالهائيندو آهي چو ته هو جيڪا به ٻولي ٻڌنددو اها ئي ڳالهائيندو ان ڪانپوءِ جڏهن هو وڏو ٿيندو آهي ته هو دوستن ۽ عزيزن ڪان ڪيتريون ئي ڳالهيون سکندو آهي، اسڪولن ۽ ڪاليجن مان استادن ڪان ڪيترن ئي قسمن جي تعليم حاصل ڪندو آهي اهڙيءَ ئي طرح روحاني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مرشد ڪامل ضروري آهي چو ته ان روحاني سفر ۾ ڪيتريون ئي مشڪلاتون درپيش ايندڀون آهن جن کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم به قدم مرشد ڪامل رهنمائي ڪندو آهي انهي ڪري مرشد ڪامل جي ڳولا ڪجي ماڻهو عام ڪري هر سيد پير ۽ صرف نالي جي فقيرن جي گهٽائي ڏسي انهن کي ڪامل ولي سمجهندا آهن ۽ مولىٰ تائين پهچڻ جي اميد پڻ رکندا آهن هالانڪه اهي صرف ڏيکاءُ وارا آهن ۽ پنهنجي آمد رفت جو ذريعو ٺاهيندا آهن ۽ مريد سندن خوش آمد جا گيت ڳائيندا آهن ۽ ڪيترائي ڍنگ اختيار ڪندا رهندا آهن ڪي تسبي رکندا آهن ڪي وري مالا رکندا آهن ڪي مَنڊَ سڳا پڙهندا آهن ڪي تصرف هلائيندا آهن مطلب ته هر طرحين پاڻ کي بزرگ تسليم ڪرائيندا آهن

قسمين قسمين جا ويس چادرون ڍڪي ممبر تي ويهي خطاب ڪري ماڻهو ڪي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪندا آهن، پر حقيقت ۾ اهي پاڻ خود واحد جي وحدانيت کان وانجهيل ۽ ڪورا هوندا آهن ۽ صرف مَندَ ڦيٽي مان ئي چاڻندا آهن انڪري انسان کي گهرجي تہ ان عارف جي ڳولا ڪري جيئن باَهُو سائين فرمائين ٿا تہ :-

مرشد اهڙا گهِنِيجي جهڙا رب تائين پار پچاوي هُو

چو تہ مرشد ڪامل ئي پنهنجي طالب جي اندروني اک کولي مالڪ ڪل جو ديدار ڪرائي ٿو چو تہ سچو مرشد هڪ اهڙو صابڻ آهي جو طالب جي قلب تي جمع ٿيل جنم جنم جي ڪٽ کي ڌوئي صاف ڪري ٿو ڇڏي چو تہ مرشد ڪامل هڪ اُها هستي آ جو لامڪان کان هتي اچي ماڻهن جِي رهنمائي ۾ پلائي ڪري ٿو. اهڙي مرشد کي فقيرن نجات جو دروازو يا مجسمائي رب چيو آهي جئين سچل سائين فرمائين ٿا :-

الله چاڻ مَ هُن کي هِي مِڙوئي حق

ڪونهي شعبو شق معلوم ٿيو مرشد کان

شمس تبريزي فرمائي ٿو تہ مرشد جي صورت اللهؐ جي صورت آهي قرآن پاڪ ۾ تہ ڪيترن ئي جڳهن تي ارشاد ٿيل آهي تہ بندو نفلي عبادتن جي ذريعي منهنجي قريب ايندو آهي پوءِ هن کي مان چاهيندو آهيان ۽ ڪيس ڪُل ئي اسرار مٿس کولي ڇڏيندو آهيان، بلڪ هن ۽ مون ۾ ڪو بہ فرق نہ هوندو آهي هن جا هٿ منهنجا هٿ هوندا آهن، هن جون اکيون منهنجيون اکيون هونديون آهن،هن جي زبان منهنجي زبان هوندي آهي، هن جا پير منهنجا پير هوندا آهن بلڪ هن جو چرڻ پرڻ منهنجو چرڻ پرڻ هوندو آهي، مطلب تہ مرشد ڪامل اللهؐ جي صورت آهي اللهؐ جي موجودگيءَ جو اظهار ئي مرشد ڪامل آهي. ۽ تصوف واري سمنڊ جو ناکو پڻ

آهي چو ته الله ﷻ سائين پنهنجا دوست هن دنيا جي گولي تي ان جي لاءِ ئي موڪليا آهن ته جئين بندن جي رسائي مون تائين تي سگهي جئين حديث مبارڪ آهي :-

من لا شيخ له فيشيخه الشيطان

معنىٰ: جنهن جو مرشد ناهي ان جو مرشد شيطان آهي. هاڻي جيڪو ماڻهو چوي ته مونکي مرشد جي ضرورت ناهي ۽ مان پاڻ ئي گهڻو ڪجهه ڄاڻان ٿو اهو تحقيق ڄاڻي ته ان ڪي پنهنجي نفس شيطان قبضي ۾ آڻي مٿان سوار لڳو ويٺو آهي، الله ﷻ ۽ ان جي محبوب جي فرمان جو منڪر ڪري ڇڏيو اٿس هاڻي جيڪو شخص الله ﷻ جي منڪر جو غلام هوندو اهو ان مالڪ حقيقي ڏي ڪهڙو منهن وٺي هلندو.

رَاقِمُ الحُرُوف

فَقِيرُ مُنَوَّرُ عَلِيُّ فَتحِ پُورِيُ